# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريه 2014
# SINDH ACT NO.XI OF 2014
# اين آءِ بي ڊي پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف لائف سائنسز ايڪٽ، 2014
# THE NIBD POST GRADUATE INSTITUTE OF LIFE SCIENCES ACT, 2014
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اداري جو قيام ۽ هيئت
Establishment and incorporation of the Institute

4. اداري جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Institute

5. ادارو سڀني لاءِ کليل هوندو
Institute open to all

6. اداري جي پڙهائي
Teachings of the Institute

7. اختياريون
Authorities

8. اداري جا عملدار
Officers of the Institute
9. سرپرست
Patron
10. معائنو
Visitation
11. چيئرپرسن
Chairperson
12. ڊائريڪٽر
Director
13. رجسٽرار
Registrar
14. تعليمي ۽ انتظامي عملو
Academic and Administrative staff
15. ڊائريڪٽر ماليات
Director Finance
16. امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller Examinations
17. بورڊ آف گورنرز
Board of Governors
18. بورڊ جا اختيار ۽ ذميداريون
Powers and Duties of the Board
19. بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board
20. اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

21. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميداريون

Powers and Duties of Academic Council

22. ٻين اختيارين جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار

Constitution, Functions and Powers of other Authorities

23. اٿارٽي طرفان ڪميٽي جي مقرري

Appointment of Committees by certain Authorities

24. اداري جو فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

Institute fund, audit and accounts

25. خاص اختيارين پاران ڪميٽين جي مقرري

Appointment of Committees

26. اٿارٽيز ۾ عارضي آساميون ڀرڻ

Filling of casual vacancies in Authorities

27. عام گنجائش

General Provisions

28. تشريح

Interpretation

29. پهريان قانون

First Statutes

30. دائره اختيار تي پابندي

Bar of Jurisdiction

31. ضمانت

Indemnity

32. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of Difficulties

شيڊول

Schedule

# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 2014
# SINDH ACT NO.XI OF 2014
## اين آءِ بي ڊي پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف لائف سائنسز ايڪٽ، 2014
## THE NIBD POST GRADUATE INSTITUTE OF LIFE SCIENCES ACT, 2014

[25 مارچ 2014]

ايڪٽ جنهن ذريعي هڪ ادارو قائم ڪيو ويندو، جنهن کي اين آءِ بي ڊي پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف لائف سائنسز سڏيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ هڪ ادارو قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن کي اين آءِ بي ڊي پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف لائف سائنسز سڏيو ويندو ۽ جنهن سان لاڳاپيل معاملن کي منهن ڏنو ويندو.

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي اين آءِ بي ڊي پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف لائف سائنسز ايڪٽ، 2014 سڏيو ويندو.

(2)ان کي فوري طور لاڳو ڪيو ويندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a)“اڪيڊمڪ ڪائونسل” مطلب اداري جي اڪيڊمڪ

ڪائونسل؛
(b) ”اختياري“ مطلب اداري جي اختياري، جيئن دفعہ 7 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛
(c) ”بورڊ“ مطلب اداري جو بورڊ آف گورنرز؛
(d) ”چيئرپرسن“ مطلب بورڊ جو چيئرپرسن؛
(e) ”ڪميشن“ مطلب سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن؛
(f) ”ڊائريڪٽر“ مطلب اداري جو ڊائريڪٽر؛
(g) ”ڊين“ مطلب فيڪلٽي جو ڊين؛
(h) ”فيڪلٽي“ مطلب اداري جي فيڪلٽي؛
(i) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛
(j) ”سربراھ“ مطلب تدريسي شعبي جو سربراھ؛
(k) ”ادارو“ مطلب اين آءِ بي ڊي پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف لائف سائنسز؛
(l) ”عملدار“ مطلب دفعہ 8 ۾ بيان ڪيل اداري جي عملدارن مان ڪو عملدار؛
(m) ”سرپرست“ مطلب اداري جو سرپرست؛
(n) ”بيان ڪيل“ مطلب قانونن، ضابطن ۽ قاعدن موجب بيان ڪيل؛
(o) ”رجسٽرار“ مطلب اداري جو رجسٽرار؛
(p) ”سوسائٽي“ مطلب سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1925 تحت رجسٽرڊ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف بلڊ ڊزيزز ويلفيئر سوسائٽي؛
(q) ”قانون، ضابطا ۽ قاعدا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا؛
(r) ”استاد“ مطلب اداري طرفان مڪمل طور يا عارضي طور

رکيل پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر، اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر ۽ اهڙو شخص جيڪو ضابطن موجب استاد ڄاڻايو ويو هجي؛

(s)"تدريسي شعبو" مطلب اداري طرفان قائم ڪيل ۽ سنڀاليل تدريسي شعبو.

اداري جو قيام ۽ هيئت
Establishment and incorporation of the Institute

3.(1)ڪراچي ۾ هڪ ادارو قائم ڪيو ويندو، جنهن کي اين آءِ بي ڊي پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف لائف سائنسز سڏيو ويندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i)سرپرست، چيئرپرسن، ڊائريڪٽر، ڊينس ۽ بورڊ جا ٻيا ميمبر؛

(ii)اهڙي اڪيڊمڪ ڪائونسل، ڪميٽين ۽ ٻين باڊيز جا ميمبر جيئن بورڊ قائم ڪري؛

(iii)اداري ۽ ان جي جڙيل يونٽس جا استاد ۽ شاگرد؛ ۽

(iv)اهڙا ٻيا عملدار ۽ عملي جا ميمبر جيئن وقت بوقت بورڊ طرفان بيان ڪيا وڃن.

(2)ادارو اين آءِ بي ڊي پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف لائف سائنسز جي نالي سان باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن وٽ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪو ڪا به ملڪيت يا سيڙپڪاريون حاصل ڪري، رکي ۽ نيڪال ڪري سگهندو ۽ ان نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ مٿس ڪيس ٿي سگهندو.

(3)ادارو ملڪ اندر يا ملڪ کان ٻاهر ڪيمپس يا ڪيمپسز قائم ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺي سگهي ٿو.

اداري جا اختيار ۽ ڪم

4.اداري جا اختيار ۽ ڪم هن ايڪٽ موجب هوندو ۽ حڪومت طرفان وقت بوقت جيڪي هدايتون جاري ڪيون

| Powers and Functions of the Institute | وجن ۽ رهنمائي ڪئي وڃي، اداري کي هيٺيان اختيارهوندا: |
|---|---|

(a)پوسٽ گريجوئيٽ پروگرام ڪرائڻ جهڙوڪ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما، ماسٽر آف فلاسفي، ڊاڪٽريٽ آف ميڊيسن ۽ ڊاڪٽريٽ آف فلاسفي؛

(b)ميڊيڪل ۽ لائف سائنسز جي اصولن موجب تدريس ۽ تربيت ڏيڻ پر اها اپيڊيمالاجي ۽ بايو ايسٽيٽڪس، پبلڪ هيلٿ، مئنيجمينٽ سائنسز هيماٽولاجي، ميڊيسن ۽ لاڳاپيل سائنسز سرجري ۽ لاڳاپيل سائنسز آبسٽرڪس ۽ گائناڪالاجي، پيڊياٽرڪس، ميڊيڪل جينيٽڪس، بايو ٽيڪنالاجي، اينا ٽومي، فزيالاجي، پيٿالاجي، فارما ڪالاجي، بايو ڪيمسٽري، نرسنگ، پيراميڊڪس، فارميسي، ڪلينڪل فارميسي، ليباريٽري ۽ بلڊ بئنڪ ۽ ريفريشر ڪورسز تائين محدود نہ هوندي؛

(c)تحقيق، انتظامن ۽ ترقياتي پروگرامن بابت گنجائش بڻائڻ تہ جيئن ڄاڻ کي اهڙيءَ ريت ترقي وٺرائي ۽ هٿي وٺرائي سگهجي، جيئن اهو طئي ڪري؛

(d)ميڊيڪل ۽ لائف سائنسز بيماري کان بچاءُ ۽ علاج جي ميدان ۾ تحقيق، سرويز تجربا ۽ مشاهدا ڪرڻ ۽ هٿي وٺرائڻ؛

(e)شاگردن جي داخلا ۽ امتحان وٺڻ؛

(f)تحقيقي دستاويز تعليمات ۽ اهڙيون ٻيو ڪم شايع ڪرائڻ، جيڪو اداري طرفان مڪمل ڪيو ويو هجي يا ڪنهن ٻئي اداري ۽ ايجنسي، مقامي يا پرڏيهي جي سهڪار سان تيار ڪيو ويو هجي يا جيڪو ٻي صورت ۾ اداري جي لاءِ قيمتي هجي؛

(g)سيمينار ۽ ڪانفرنسون منعقد ڪرڻ ۽ قومي ۽ بين

الاقوامي ايجنسين، تنظيمن، ادارن ۽ يونيورسٽيز سان اداري جي لاءِ فائديمند سرگرمين ۾ سهڪار ڪرڻ؛

(h)اداري ۽ اداري سان الحاق ٿيل ادارن ۾ پڙهائي جا ڪارسز بيان ڪرڻ؛

(i)تعليم جي ترقي لاءِ سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ انهن جي مرمت، سار سنڀال ۽ انتظامن لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن اهو طئي ڪري؛

(j)امتحان ڪرائڻ ۽ ڊگريون، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ ۽ اهڙن ماڻهن کي جن داخلا ورتي هجي ۽ بيان ڪيل شرطن موجب امتحان پاس ڪيا هجن؛

(k)اهڙا عملدار ۽ عملو مقرر ڪرڻ ۽ اهڙن عملدارن ۽ عملي جا شرط ۽ ضابطا ۽ اختيار ۽ ذميداريون بيان ڪرڻ؛

(l)بيان ڪيل شرطن موجب ادارن کي الحاق ڏيڻ ۽ الحاق ختم ڪرڻ؛

(m)پاڻ کي ٻين ادارن سان الحاق ڪرڻ يا جوڙڻ ۽ پنهنجا ڪم ۽ تعليم جي فراهمي لاءِ ذميداريون ادا ڪرڻ لاءِ فيڪلٽيز ۽ تدريسي شعبا قائم ڪرڻ؛

(n)اداري لاءِ نصاب جوڙڻ ۽ پڙهائي جا ڪورسز بيان ڪرڻ؛

(o)منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي ڊگريون يا ٻيون مراعتون ڏيڻ، اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(p)تعليم، تربيت ۽ تحقيق لاءِ ٻين سهولتن جو قيام ۽ سهڪار ڪرڻ؛

(q)معاهدن، ٺيڪن ۽ انتظامن ۾ يونيورسٽين، تنظيمن، ادارن، باڊيز ۽ فردن سان شامل ٿيڻ ته جيئن پنهنجا ڪم ۽ سرگرميون سرانجام ڏئي سگهجن؛

(r)تدريس، تحقيق، تربيت، مشاورت، انتظامي معاملن ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ عهدا پيدا ڪرڻ ۽ انهن تي ماڻهن کي مقرر ڪرڻ؛

(s)منتقل ڪيل ملڪيت ۽ گرانٽس، عطيا، ٽرسٽس، تحفا، چندا، انڊومينٽس يا اداري کي ڪيل ٻيا حصا حاصل ڪرڻ، وٺڻ ۽ سنڀالڻ ۽ اهڙي ملڪيت، گرانٽس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، چندن، انڊومينٽس ۽ حصن ذريعي مليل فنڊز کي سيڙائڻ اهڙيءَ ريت جيئن اهو مناسب سمجهي؛

(t)اهڙي تحقيق ڪرڻ جيڪا اهو ڪنهن به يا سمورين سکيا جي شاخن ۾ طئي ڪري؛ ۽

(u)اهڙا سمورا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ، جيڪي مٿي ڄاڻايل اختيارن سان لاڳاپيل هجن يا نه هجن، جيئن درخواست ڪئي وڃي يا اداري جي وڌيڪ مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ تعليمي، سکيا ۽ تحقيق جي جڳهه هئڻ ناتي ضروري هجي.

ادارو سيني لاءِ کليل هوندو
Institute open to all

5.ادارو سيني ماڻهن لاءِ ڪنهن به جنس، مذهب، نسل، طبقي يا رنگ يا ڊوميسائيل سان تعلق رکندا هجن، انهن لاءِ کليل هوندو جيڪي تعليمي طور تي اداري طرفان پڙهائي لاءِ آڇيل ڪورسز ۾ داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن به شخص کي فقط جنس، مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي مراعتن کان انڪار نه ڪيو ويندو.

اداري جي پڙهائي
Teachings of the Institute

6.(1)اداري جا تعليمي پروگرام بيان ڪيل طريقي موجب هلايا ويندا.

(2)ادارو امتحانن منعقد ڪرڻ لاءِ ٻاهريان ممتحن گهرائي سگهي ٿو.

(3)نصاب، پڙهائي جا ڪارسز ۽ تعليم جي فراهمي لاءِ

هدايتن لاءِ ادارا حڪومت ۽ ڪميشن طرفان وقت بوقت ملندڙ هدايتن تي عمل ڪندو.

اختياريون
Authorities

7.اداري جون هيٺيون اختياريون هونديون:

(a)بورڊ آف گورنرز؛

(b)اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(c)بورڊز آف فيڪلٽيز؛

(d)بورڊز آف اسٽڊيز؛

(e)سليڪشن بورڊ؛

(f)اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ؛

(g)ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي؛

(h)ڊسيپلين ڪميٽي؛

(i)الحاق ڪميٽي؛

(j)اهڙيون ٻيون اختياريون جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيون ويون هجن.

اداري جا عملدار
Officers of the Institute

8.اداري جا هيٺيان عملدار هوندا:

(i)چيئرپرسن؛

(ii)ڊائريڪٽر؛

(iii)ڊينز؛

(iv)تدريسي شعبن جا سربراهه؛

(v)رجسٽرار؛

(vi)ڊائريڪٽر فنانس؛

(vii)امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(viii)ريزيڊنٽ آڊيٽر؛

(ix)لائبريرين؛ ۽

(x)اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي ضابطن ۾ بيان ڪيا ويا هجن ته

عملدار هوندا.

| | |
|---|---|
| سرپرست Patron | 9.(1)سنڌ جو گورنر اداري جو سرپرست هوندو.<br>(2)سرپرست جڏهن موجود هوندو، اداري جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو. |
| معائنو Visitation | 10.(1)سرپرست اداري سان لاڳاپيل معاملن جي سلسلي ۾ وقت بوقت جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿو يا پڇا ڳاڇا ڪرائي سگهي ٿو، ڪنهن شخص يا شخصيتن ڪي جاچ پڙتال ڪرڻ يا پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو:<br>(a)اداري، ان جي عمارتن، لائبريريز ۽ ٻين سهولتون جي باري ۾؛<br>(b)ڪنهن اداري، شعبي يا اداري طرفان سنڀاليل هاسٽل جي باري ۾؛<br>(c)مالياتي ۽ افرادي وسيلن ڪوٽ واڌ جي باري ۾؛<br>(d)تدريسي تحقيق، نصاب، امتحانن ۽ اداري سان لاڳاپيل ٻين معاملن جي باري ۾؛ ۽<br>(e)اهڙا ٻيا معاملا جيڪي سندس طرفان بيان ڪيا ويا هجن.<br>(2)سرپرست پنهنجي دوري بابت تفصيلن کان بورڊ کي آگاهہ ڪندو ۽ بورڊ سان ڳالهين بعد، بورڊ کي قدم کڻڻ بابت مشورو ڏيندو.<br>(3)بورڊ اهڙي وقت دوران جيڪو سرپرست طرفان بيان ڪيو ويو هجي، کيس قدم بابت آگاهہ ڪندو، جيڪڏهن ڪو کنيو ويو هجي، جيئن کنيو ويو هجي يا دوري جي نتيجي بعد کنيو وڃڻو هجي.<br>(4)جتي بورڊ ڄاڻايل وقت دوران جواب نہ ڏئي، سرپرست کي مطمئن ڪرڻ جوڳو قدم نہ کڻي، سرپرست اهڙيون هدايتون |

جاري ڪري سگهي ٿو جيڪي اهو مناسب سمجهي ۽ بورڊ اهڙين سمورين هدايتن تي عمل ڪندو.

چيئرپرسن
Chairperson

11.(1)سوسائٽي جو جنرل سيڪريٽري چيئرپرسن ۽ اداري جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي هوندو.

(2)چيئرپرسن سرپرست جي غير حاضري ۾ اداري جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

(3)اعزازي ڊگري ڏيڻ سان لاڳاپيل هر آڇ سرپرست جي تصديق سان جڙيل هوندي.

(4)چيئرپرسن ڪنهن بہ شخص کي ڪنهن بہ اٿارٽي جي ميمبرشپ تان هٽائي سگهي ٿو جيڪڏهن اهو:

(a)جيڪڏهن ذهني توازن وڃائي ويٺو هجي؛ يا

(b)نااهل ٿي ويو هجي يا ميمبر طور ڪم ڪرڻ جي لائق نہ رهي؛ يا

(c)پاڪستان ۾ قانون جي عدالت طرفان بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ سزا ڀڏائي وئي هجي يا اداري جي مفاد خلاف سرگرمي ۾ ملوث ڏٺو ويو هجي.

(5)جيڪڏهن چيئرپرسن مطمئن آهي تہ ڪنهن بہ اٿارٽي جون ڪارروايون هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن يا قاعدن موجب نہ آهن تہ اهو اهڙي اٿارٽي کان سبب معلوم ڪرڻ کانپوءِ تہ ڇو اهڙي ڪارروائي ختم نہ ڪئي وڃي، لکت حڪم ذريعي ڪارروائي ختم ڪري سگهي ٿو.

(6)چيئرپرسن اهڙيءَ ريت عمل ڪرڻ کان ڪان قاصر هئڻ يا ڪنهن ٻئي سبب نہ هئڻ جي صورت ۾، ڊائريڪٽر يا بورڊ طرفان بااختيار بڻايل ڪو بہ شخص چيئرپرسن جا سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ ان جون سموريون ذميداريون ۽

ڪم سرانجام ڏيندو.

| | |
|---|---|
| ڊائريڪٽر Director | 12.(1)ڊائريڪٽر ناميارو عالم ۽ قومي يا عالمي ساک جو منتظم ۽ معياري تعليم دان هوندو. جيڪو چيئرپرسن طرفان بورڊ جي سفارشن تي چئن سالن جي عرصي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو جيئن بورڊ طئي ڪري. |

(2)ڊائريڪٽر اداري جو چيف اڪيڊمڪ ۽ ايڊمنسٽريٽو عملدار هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن، قاعدن ۽ بورڊ جي فيصلن تي عمل ڪرائڻ ۽ بورڊ طرفان جوڙيل رهنمائي ۽ حڪمت عملين تحت اداري جي پروگرام کي هلائڻ لاءِ ذميدار هوندو.

(3)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان ٽڪراءُ ڪانسواءِ، ڊائريڪٽر کي هي اختيار پڻ حاصل هوندا:

(a)بورڊ جي غور ڪرڻ لاءِ اداري جي ڪمن ۽ بجيٽ ڪاٿن جا منصوبا جمع ڪرائڻ؛

(b)ڪميونٽي جي معلومات، تربيت، تحقيق سان لاڳاپيل خدمتن لاءِ پروگرام مڪمل ڪرڻ سان لاڳاپيل سرگرمين بابت هدايت ڪرڻ؛

(c)منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل خرچ لاءِ بااختيار بڻائڻ ۽ خرچ جي ساڳئي ميجر هيڊ ۾ فنڊز کي ٻيهر ترتيب ڏيڻ ۽ ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ بورڊ کي آگاهه ڪرڻ؛

(d)رقم منظور ڪرڻ ۽ ٻيهر ترتيب ڏيڻ جيڪا بورڊ طرفان وقت بوقت ڪنهن اڻ ڏنل آئٽم لاءِ، جيڪو بجيٽ ۾ شامل نه هجي رکي ۽ نظرثاني ڪئي وئي هجي، ۽ ان بابت بورڊ کي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ آگاهه ڪرڻ؛

(e)سليڪشن بورڊ جي سفارشن ۽ بورڊ جي منظوري سان استاد، عملدار ۽ اداري جي عملي جا ميمبر مقرر ڪرڻ ۽ اهڙا ٻيا شخص جيڪي پاليسين موجب ضروري هجن ۽ اهڙي طريقي جيڪو بورڊ طرفان منظور ڪيو ويو هجي، جنهن موجب مقرر ڪيل شخص اعليٰ شعور رکندڙ ۽ اخلاقي خوبيون رکندڙ هئڻ گهرجي.

(f)بورڊ کي طريقيڪار جي قاعدن موجب اداري جي سرگرمين ۽ ڪم جي منصوبن بابت رپورٽون فراهم ڪرڻ؛

(g)عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ڀرڻ، اهڙي عرصي لاءِ جيڪو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هجي؛

(h)بورڊ طرفان ڏنل ڪو ڪم مڪمل ڪرڻ؛

(i)هن ايڪٽ تحت پنهنجي اختيارن مان ڪي به اداري جي عملدار يا ٻئي ڪنهن ملازم کي سونپڻ، اهڙين شرطن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽

(j)اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪرڻ ۽ ڪم سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4)ڪنهن به وقت جڏهن ڊائريڪٽر جي آفيس خالي هجي،يا ڊائريڪٽر غير حاضر هجي يا بيماري سبب پنهنجي آفيس جا ڪم سرانجام ڏيڻ لائق نه هجي يا ٻيو ڪو سبب هجي، چيئرپرسن ڊائريڪٽر جون ذميداريون ادا ڪرڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪندو، جيئن اهو مناسب سمجهي.

(5)ڊائريڪٽر ايمرجنسي ۾، جنهن ۾ اهو تڪڙو قدم کڻڻ ضروري سمجهي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو جيڪو اهو ضروري سمجهي ۽ جيترو جلدي ٿي سگهي اهڙي کنيل قدم بابت بورڊ کي آگاهه ڪندو.

| | |
|---|---|
| 13.(1) رجسٽرار اداري جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ بورڊ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو جيئن بورڊ طئي ڪري.<br>(2)رجسٽرار هوندو:<br>(a)اداري جي عام مهر ۽ تعليمي رڪارڊز کي سنڀاليندو.<br>(b)اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيندو جيڪي بيان ڪيون ويون هجن. | رجسٽرار<br>Registrar |
| 14.اداري جو تعليمي ۽ انتظامي عملو اهڙيءَ ريت چونڊيو ويندو ته جيئن بيان ڪيل مقصد حاصل ڪري سگهجن ۽ انهن جي چونڊ جي بنيادي ڪرائيٽيريا قابليت، اهليت ۽ صلاحيت جي اعليٰ معيارن موجب هوندي.<br>بشرطيڪ تعليمي عملي جي صورت ۾، تعليمي قابليت ۽ گهربل فائدا اهڙين مقررين لاءِ ڪميشن طرفان منظور ڪيل ۽ ڏنل فائدن کان گهٽ نه هوندا. | تعليمي ۽ انتظامي عملو<br>Academic and Administrative staff |
| 15.(1) ڊائريڪٽر ماليات اداري جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ چيئرپرسن طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو جيئن طئي ڪيو ويو هجي.<br>(2)ڊائريڪٽر ماليات ڪري سگهندو:<br>(a)اداري جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپڪارين جو انتظام ڪندو.<br>(b)اداري جا ساليانا ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿا تيار ڪندو ۽ اهي بورڊ کي پيش ڪندو.<br>(c)اهو يقيني بڻائڻ ته اداري جا فنڊ انهن مقصدن لاءِ خرچ ڪيا ويا آهن، جن لاءِ اهي فراهم ڪيا ويا هيا؛ ۽<br>(d)اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيڻ، جيڪي بيان | ڊائريڪٽر ماليات<br>Director Finance |

| | |
|---|---|
| کيون ويون هجن. | |
| 16.(1)اداري جو امتحانن جو ڪنٽرولر ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ چيئرپرسن طرفان اهڙن شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو جيئن اهو طئي ڪري. | امتحانن جو ڪنٽرولر<br>Controller Examinations |
| (2)امتحانن جو ڪنٽرولر امتحان ڪرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن جو ذميدار هوندو ۽ اهڙيون ذميداريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | |
| 17.(1)بورڊ مشتمل هوندو: | بورڊ آف گورنرز<br>Board of Governors |
| (a)سوسائٽي جو جنرل سيڪريٽري، جيڪو چيئرپرسن هوندو؛ | |
| (b)سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج، چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ | |
| (c)چيئرمين هائير ايجوڪيشن ڪميشن يا سندس طرفان نامزد ڪيل ڪميشن جو ڪل وقتي ميمبر؛ | |
| (d)سنڌ حڪومت جي صحت کاتي جو سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل؛ | |
| (e)ڪراچي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر يا سندس نامزد ڪيل؛ | |
| (f)چيئرپرسن طرفان هڪ ڊين نامزد ڪيو ويندو؛ | |
| (g)چيئرپرسن طرفان ٻه نامور شهري نامزد ڪيا ويندا؛ | |
| (h)پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل جو هڪ نمائندو؛ | |
| (i)چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جو صدر يا سندس نامزد ڪيل؛ | |
| (j)قومي يا بين الاقوامي ساک رکندڙ هڪ سائنسدان بورڊ | |

طرفان نامزد ڪيو ويندو.
(k)ڊائريڪٽر: ۽
(l)رجسٽرار جيڪو بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.
(2)ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ بورڊ جا ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا ۽ انهن جو مدو ختم ٿيڻ بعد ٻيهر نامزدگيءَ لاءِ اهل هوندا.
(3)نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا بورڊ جي ٽي لڳاتار گڏجاڻين ۾ جوڳو سبب ڄاڻائڻ يا غير حاضري لاءِ موڪل جي درخواست ڏيڻ کانسواءِ غير حاضر رهي ٿو يا جنهن اٿارٽي کيس نامزد ڪيو هجي، ان طرفان سندس نامزدگي تبديل ڪئي وڃي.

بورڊ جا اختيار ۽ ذميداريون
Powers and Duties of the Board

18.(1) بورڊ اداري جي ايگزيڪيوٽو ۽ گورننگ باڊي هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ۽ قانونن موجب، اداري جي معاملن ۽ انتظامن جي عام نظرداري ڪندو.
(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان ٽڪراءَ کانسواءِ ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، بورڊ کي اختيار حاصل هوندا ته:
(a)اداري جو سمورو ضابطو سنڀاليندو.
(b)منتقل ڪيل ملڪيت ۽ گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، وقف ۽ ٻيا حصا حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ، جيڪي اداري کي ڪيا ويا هجن ۽ اهڙيون گرانٽس، وصيتون، ٽرسٽس، تحفا، عطيا، وقف ۽ ٻيا حصا اهڙي طريقي سيڙائڻ جيئن اهو مناسب سمجهي.
(c)اداري جي مالي استحڪام جي ذميداري کڻڻ بشمول ان جي ڪمن جي موثر هئڻ جي ذميداري جي، انهن جي جاري

رهڻ جي ذميداري ۽ اداري جي اختياري جي تحفظ جي ذميداري کڻڻ جي؛

(d)ساليانو رپورٽ، ڪم جي منصوبي، اڪائونٽس جي اسٽيٽمينٽ ۽ ساليانو بجيٽ جي ڪاٿي تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(e)اداري جي سرگرمين ۽ آپريشنز کي هلائڻ لاءِ اصول، پاليسيز ۽ منصوبا جوڙڻ ۽ منظور ڪرڻ، ته جيئن تحقيق، پڙهائي ۽ ٻئي تعليمي ڪم ۾ سهولت فراهم ڪري سگهجي؛

(f)اداري جي جوڳي ۽ اثرائتي ڪارڪردگي لاءِ وقت بوقت قاعدا ۽ ضابطا جوڙڻ ۽ نظرثاني ڪرڻ؛

(g)هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قانون جوڙڻ، جيڪي ضروري هجن؛

(h)اداري جا حصا پيدا ڪرڻ، جهڙوڪ، فيڪلٽيز، اسڪول ۽ شعبا ۽ اهڙيون اسٽينڊنگ ڪميٽيز، ڪائونسلز ۽ ٻيون انتظامي يا تعليمي ايڊوائيزري باڊيز جوڙڻ جيڪي اهو ضروري سمجهي ۽ انهن جي ڪم جي نظرداري ڪرڻ؛

(i)بجيٽ ڪاٿا، ساليانا تحقيقي پروگرام، ساليانيون رپورٽون ۽ اداري جي اڪائونٽس جي آڊٽ ٿيل اسٽيٽمينٽ تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(j)اداري جي سرگرمين سان لاڳاپيل رپورٽون طلب ڪرڻ ۽ انهن تي غور ڪرڻ ۽ منصوبن جو عملدرآمد جن تي ڪم ٿيڻو آهي ۽ ڊائريڪٽر کي هدايت ڪرڻ ته بورڊ طرفان بيان ڪيل ڪنهن معاملي سان لاڳاپيل معلومات فراهم ڪري؛

(k)اهڙا تعليمي ۽ انتظامي عهدا پيدا ڪرڻ جيئن اهو ضروري سمجهي ۽ ڊائريڪٽر طرفان اهڙن عهدن تي مقرري جي

منظوري ڏيڻ؛

(l)ڪميٽيون ۽ ذيلي ڪميٽيون جوڙڻ، جيڪي ضروري هجن؛

(m)اداري جي تدريسي ۽ غير تدريسي ملازمن جا شرط ۽ ضابطا بيان ڪرڻ، بشمول انهن جي قابليت، تجربي ۽ مقرري لاءِ اهليت جي؛

(n)هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مختلف اختيارين ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(o)اهڙا سمورا قدم کڻڻ جيڪي اهو ضروري سمجهي يا جيڪي اداري جي جوڳي ۽ اثرائتي انتظامن ۽ ڪارڪردگي لاءِ ضروري هجن.

(p)اختيار ڪنهن اٿارٽي يا عملدار يا ڪميٽي کي سونپڻ؛

(q)بورڊ طرفان مقرر ڪيل ملازمن کي بيان ڪيل طريقي موجب معطل ڪرڻ، سزا ڏيڻ يا ملازمت کان برطرف ڪرڻ؛

(r)سليڪشن بورڊ جي سفارشن تي استاد، عملو ۽ ٻيا ملازم ۽ اداري جا عملدار مقرر ڪرڻ؛ ۽

(s)اداري سان لاڳاپيل ٻيا سمورا معاملا هلائڻ، طئي ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ٻيا اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي خاص طور تي هن ايڪٽ ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن.

بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

19. (1) بورڊ گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ ٻہ دفعا اهڙين تاريخن تي گڏجاڻي ڪندو جيئن ڊائريڪٽر چيئرپرسن جي مشوري سان طئي ڪري؛ بشرطيڪ هڪ خاص گڏجاڻي ڊائريڪٽر طرفان يا بورڊ جي ميمبرن طرفان، جيڪي پنج کان گهٽ نہ هجن، انهن جي درخواست تي ڪنهن بہ وقت ڪوٺائي سگهبي، جيئن ڪو بہ هنگامي حالت جو معاملو غور هيٺ آڻي

سگھجي.
(2) خاص گڏجاڻيءَ جي صورت ۾ بورڊ جي ميمبرن کي هڪ نوٽيس ڏنو ويندو، جيڪو ڏهه ڪم وارن ڏينهن کان گهٽ نه هوندو ۽ گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا منع ڪيل هوندي، جنهن معاملي بابت خاص گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي.
(3) بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.
(4) بورڊ جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريتي راءِ ۽ ووٽنگ سان ڪيا ويندا، جيڪڏهن ميمبر برابر ٿي وڃن، ته چيئرپرسن کي ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو.
(5)ذيلي دفعه (3) موجب بورڊ جا ميمبر بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ ڪو به مواصلاتي ذريعو استعمال ڪري شامل ٿي سگهن ٿا ۽ ميمبرن کي گڏجاڻيءَ ۾ شامل سمجهيو ويندو.

اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

20. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:
(a)ڊائريڪٽر جيڪو چيئرپرسن هوندو؛
(b)سمورا ڊينس؛
(c)تدريسي شعبن جا سمورا سربراهه؛
(d)اداري جا سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛
(e)صحت سيڪريٽري جو نامزد ڪيل جيڪو ڊپٽي سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هوندو؛
(f)ميڊيڪل سائنسز يا لاڳاپيل ڊسيپلينز ۾ ماهر ٻه شخص بورڊ طرفان ڊائريڪٽر جي سفارشن تي نامزد ڪيا ويندا؛
(g)ڪميشن جو صلاحڪار (اڪيڊمڪس) يا سندس نامزد ڪيل؛
(h)رجسٽرار جيڪي ان جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(2) نامزدگي ذريعي مقرر ڪيل ميمبر سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکي سگهندا ۽ مدو ختم ٿيڻ تي ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندا.

(3)نامزد ڪيل ميمبرن جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن استعيفيٰ ڏين يا ڪائونسل جي ٽي لڳاتار گڏجاڻين ۾ بنا جوڳو سبب ڄاڻايل يا غير حاضري جي موڪل ڪانسواءِ غير حاضر رهن يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اختياري طرفان تبديل ڪئي وڃي.

(4) اڪيڊمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي هڪ پاڱي ٽي برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

**اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميداريون**
**Powers and Duties of Academic Council**

21. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل اداري جي اڪيڊمڪ باڊي هوندي ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، ان کي هدايت، تحقيق، اشاعت، امتحانن ۽ اداري جي تدريسي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اڪيڊمڪ ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a)بورڊ کي تدريسي معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b)تدريس، تحقيق، اشاعت ۽ امتحانن جو انتظام ڪرڻ؛

(c)شاگردن کي اداري جي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن ۾ ويهڻ لاءِ داخلا جو انتظام ڪرڻ؛

(d)اداري جي شاگردن جي چال چلت ۽ نظم و ضبط جو خيال ڪرڻ؛

(e)بورڊ کي فيڪلٽيز ۽ تدريسي شعبن جوڙڻ ۽ انتظام ڪرڻ

لاءِ اسڪيم تجويز ڪرڻ؛

(f)اداري ۾ تدريس ۽ تحقيق جي منصوبابندي ۽ ترقيءَ لاءِ آچن تي غور ڪرڻ ۽ آڇون جوڙڻ؛

(g)بورڊز آف فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا ۽ سمورن امتحانن لاءِ نصاب جوڙڻ؛ بشرطيڪ جيڪڏهن بورڊز آف فيڪلٽيز ۽ بورڊز آف اسٽڊيز جون سفارشون بيان ڪيل تاريخ تي نہ فراهم ڪيون وڃن تہ ڪائونسل بورڊ جي منظوري سان ايندڙ سال لاءِ امتحانن لاءِ اڳواٽ بيان ڪيل پڙهائي جي ڪورسز کي جاري رکندي؛

(h)بورڊ کي جمع ڪرائڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(i)اسٽوڊنٽ شپس، اسڪالر شپس، ميڊلس ۽ انعامن جو انتظام ڪرڻ؛

(j)هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ يا نامزد ڪرڻ؛ ۽

(k)اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

ٻين اختيارين جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution, Functions and Powers of other Authorities

22. اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار جن لاءِ هن ايڪٽ ۾ ڪا خاص گنجائش نہ جوڙي وئي هجي، اهي ايئن هوندا جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

اٿارٽي طرفان ڪميٽي جي مقرري
Appointment of

23. بورڊ، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ ٻيون اٿارٽيز وقت بوقت اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيون جوڙي سگهن ٿيون، جيئن اهي مناسب سمجهن ۽ ماڻهو ڪميٽي جي

| | |
|---|---|
| ميمبر طور مقرر ڪري سگهن ٿيون، جيڪي اهڙين اختيارين جا ميمبر نہ هجن. | Committees by certain Authorities |
| 24.(1) اداري کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊومينٽس، حصن، گرانٽس ۽ ٻين سمورن ذريعن کان حاصل ٿيندڙ رقم کي رکيو ويندو.<br>(2)اداري جو مک ۽ رهيل خرچ سوسائٽي طرفان ڏنل حصي مان هلايو ويندو.<br>(3)فنڊز مان ڪو بہ خرچ نہ ڪيو ويندو جيستائين ان جي ادائگي لاءِ اداري جي آڊٽ عملدا طرفان هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن تحت آڊٽ ڪيو ويو هجي.<br>(4)ڪو بہ حصو عطيو يا گرانٽ جيڪا سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ ريت ڪنهن فوري يا لڳاتار اداري جي مالياتي ڪم ۾ ڪم اچي يا اهڙي پروگرام ۾ استعمال ۾ اچي جيڪو وقتي طور لاڳو پروگرامن ۾ شامل نہ هجي، اهو بورڊ جي اڳوات اجازت کانسواءِ قبول ڪيو ويندو.<br>(5)اداري جا اڪائونٽس اهڙي ريت سنڀاليا ويندا ۽ اهڙي طريقي هلايا ويندا، جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيوويو هجي ۽ ساليانو اداري جو مالي سال ختم ٿيڻ جي ڇئن مهينن اندر بورڊ طرفان مقرر ڪيل چارٽرڊ اڪائونٽنٽس جي فرم طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.<br>(6)اڪائونٽس، ان سلسلي ۾ آڊيٽر طرفان تيار ڪيل رپورٽ سميت بورڊ کي منظوري لاءِ پيش ڪيا ويندا.<br>(7)آڊيٽر جي رپورٽ تصديق ڪندي تہ رپورٽ چارٽرڊ اڪائونٽس آف پاڪستان جي اداري طرفان ڪيل آڊٽ ۽ | اداري جو فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس<br>Institute fund, audit and accounts |

تصديق تحت ڪئي وئي آهي.

**خاص اختيارين پاران ڪميٽين جي مقرري**
**Appointment of Committees**

25.ڪا بہ اٿارٽي وقت بوقت اهڙي اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائزري ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي، ۽ اٿارٽيز جي ميمبرن طور اهڙا ماڻهو مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪي ڪميٽي جا ميمبر هوندا.

**اٿارٽيز ۾ عارضي آساميون پرڻ**
**Filling of casual vacancies in Authorities**

26. ڪنهن اٿارٽي ۾ چونڊيل ، مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ميمبر جي خالي ٿيل ڪا جڳهہ جيترو ممڪن ٿي سگهي ڪنهن شخص، شخصيتن يا باڊي چونڊيو مقرر ڪيو يا نامزد ڪيو هجي ميمبر ڪي جنهن جي جاءِ خالي هجي ۽ خالي جڳهہ تي چونڊيل، مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ماڻهو اهڙي اٿارٽي ۾ ميمبر هوندو، اهڙي رهيل عرصي لاءِ، اهڙي ماڻهو جي جاءِ تي جنهن لاءِ اهو رکيو ويو هجي.

**عام گنجائش**
**General Provisions**

27.(1)ادارو حڪومت يا ڪميشن طرفان وقت بوقت جوڙيل فريم ورڪ ۾ بئي ڪنهن ڪم يا جوڙيل حڪمت عملي تحت ڪم ڪندو.

(2)ساليانيون مانيٽرنگ چارجز جيڪي وقت بوقت حڪومت طرفان طئي ڪيون وڃن، اهي اداري طرفان سيڪريٽري صحت، صحت کاتو حڪومت سنڌ جي نالي تي پي آرڊر جي صورت ۾ جمع ڪرايون ويندين، جيڪي گورنر سيڪريٽريٽ طرفان سنڀاليل اداري جي فنڊ طور رکيون وينديون.

**تشريح**
**Interpretation**

28.جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن جي لاڳو ٿيڻ تي ڪو سوال اٿي تہ، اهو سرپرست جي سامهون رکيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

**پهريان قانون**

29.جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي،

**First Statutes**

شيڊول ۾ جوڙيل قانون، هن ايڪٽ تحت جوڙيل قانون سمجهيا ويندا ۽ تيستائين لاڳو رهندا جيستائين هن ايڪٽ جي گنجائش تحت جوڙيل نون قانونن سان تبديل نہ ڪيا وڃن.

**دائره اختيار تي پابندي**
**Bar of Jurisdiction**

30.ڪنهن بہ عدالت کي هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪم جي ارادي تي ڪا بہ ڪارروائي ڪرڻ، فيصلو ٻڌائڻ يا حڪم ڪرڻ جو دائره اختيار نہ هوندو.

**ضمانت**
**Indemnity**

31.هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجھ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت اداري يا ڪنهن اٿارٽي، عملدار يا حڪومت يا اداري جي ملازم تي ڪو بہ مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي.

**رنڊڪون هٽائڻ**
**Removal of Difficulties**

32.جيڪڏهن هن ايڪٽ جي ڪنهن بہ گنجائش جي لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا بہ رنڊڪ اچي چيئرپرسن اهڙا حڪم جاري ڪري سگهي ٿو، جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجن ۽ سندس نظر ۾ رنڊڪ هٽائڻ لاءِ ڪافي هجن.

**شيڊول**
**Schedule**

## شيڊول
## پهريان قانون
## (ڏسو دفعہ 29)
## SCHEDULE
## FIRST STATUTES
## (See Section 29)

1.(1)اداري ۾ هيٺيون فيڪلٽيز هونديون ۽ اهڙيون ٻيون فيڪلٽيز بہ قائم ڪيون وينديون جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو

ويو هجي:
(a)دوائن جي فيڪلٽي؛
(b)هڏن جي چاڙ بابت فيڪلٽي؛
(2)هر فيڪلٽي ۾ اهڙا ادارا، تدريسي شعبا، مرڪز يا ٻيا تعليمي يا تحقيقي حصا هونداجيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.
2.(1) هر فيڪلٽي جو هڪ بورڊ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:
(a)ڊينز؛
(b)فيڪلٽي ۾ شامل تدريسي شعبن جا پروفيسرز ۽ هيڊز؛
(c)فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز جا ٻه ميمبرز، جيڪي لاڳاپيل اسٽڊيز جي بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(d)لاڳاپيل ميدان ۾ ماهر ٻه ڄڻا جيڪي اداري کان ٻاهران بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ ۽
(e)هڪ ميمبر ڊائريڪٽر طرفان نامزد ڪيو ويندو.
(2)ايڪس آفيشو ميبرن کانسواءِ ميمبر ٽن سالن تائين عهدو رکي سگهندا.
(3)بورڊ آف فيڪلٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم سمورن ميمبرن جي اڌ برابر هوندو جنهن کي هڪ برابر ڳڻيو ويندو.
(4)هر فيڪلٽي جو بورڊ، اڪيڊمڪ ڪائونسل جي عام ضابطي لاءِ خودمختيار هوندو ۽ بورڊ وٽ هيٺيان اختيار هوندا:
(a)فيڪلٽي کي ڏنل مضمونن ۾ تدريس ۽ تحقيق ۾ سهڪار ڪرڻ؛
(b)فيڪلٽي ۾ شامل بورڊز آف اسٽڊيز جي سفارشن جي جاچ

پڙتال ڪرڻ، پيپر سيٽرز ۽ ممتحن جي مقرري تي، (سواءِ تحقيق ۽ ڊگري ممتحن جي) ڊائريڪٽر کي سونپڻ؛

(c)فيڪلٽي سان لاڳاپيل ٻين اهڙن معاملن تي غور ڪرڻ ۽ بعد ۾ انهن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل حوالي ڪرڻ؛

(d)اڪيڊمڪ ڪائونسل کي پيش ڪرڻ لاءِ فيڪلٽي ۾ شامل هر هڪ شعبي جي ڪارڪردگي بنياد تي جامع ۽ ساليانو رپورٽ تيار ڪرڻ؛ ۽

(e)اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي بيان ڪيا ويا هجن.

3.(1) هر فيڪلٽي لاءِ هڪ ڊين هوندو، جيڪو بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرپرسن ۽ گورنر هوندو.

(2)ڊين فيڪلٽي جي ٽن تمام سينئر پروفيسرن منجهان ڊائريڪٽر جي سفارشن تي بورڊ طرفان مقرر ڪيو ويندو ۽ ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکي سگهندو ۽ ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندو.

(3)ڊين ڊگرين ۾ داخلا لاءِ اميدوار پيش ڪندو، سواءِ اعزازي ڊگرين جي، جن جي ڪورسن ۾ فيل ٿيڻ تي فيڪلٽي نظر رکندي.

(4)ڊين ٻيا اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيا ويا هجن.

4. (1) هر مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي مجموعي جي لاءِ هڪ تدريسي شعبو هوندو جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي ۽ اهو ڊپارٽمينٽ جي هيڊ طرفان هلايو ويندو.

(2) تدريسي شعبي جو هيڊ ڊائريڪٽر جي سفارشن تي بورڊ طرفان شعبي جي ٽن سينيئر ترين استادن منجهان ٽن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو ۽ اهو ٻيهر مقرريءَ جي

لاءِ اهل هوندو.

(3) شعبي جو هيڊ هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب شعبي جي ڪم جو منصوبو جوڙيندو. انتظام ڪندو ۽ ڪم جي نگراني ڪندو ۽ ڊين آف فيڪلٽيءَ کي جوابده هوندو. هن جي شعبي جي ڪم جي لاءِ  جنهن ۾ اهو شعبو شامل هجي.

5. (1) هر مضمون يا مضمونن جي مجموعي جي لاءِ هڪ بورڊ سب اسٽڊيز هوندو. جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

(2) هر بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:

a) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرپرسن؛
b) لاڳاپيل تدريسي شعبي ۾ سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛
c) اهڙا ادارتي استاد سواءِ پروفيسرز ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرز جي اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛
d) ٻه ماهر ادارتي استادن کانسواءِ ڊائريڪٽر طرفان مقرر ڪيا ويندا؛

(3) بورڊ آف اسٽيڊيز جي ميمبرن جي عهدي جو مدو سواءِ ايڪس آفيشيو ميمبرز جي ٽي سال هوندو.

(4) بورڊ آف اسٽيڊيز جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم سمورن ميمبرن جي اڌ برابر هوندو . جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.

(5) ميمبر آف اسٽيڊيز جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

a) اٿارٽيز کي سمورن تعليمي معاملن جيڪي هدايتن،

تحقيق ۾ امتحانن سان جوڙيل هجن. لاڳاپيل مضمونن ۾ انهن بابت صلاح ڏيڻ؛

b) سمورين ڊگريز ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽس ڪورسز مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي لاءِ نصاب ۽ مضمون آڇڻ؛

c) لاڳاپيل مضمونن ۾ پيپر سيٽرز ۽ ممتحن جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽

d) ٻيا اهڙا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي ضابطن ۾ بيان ڪيا ويا هجن؛

6.(1)اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a)ڊائريڪٽر جيڪو چيئرپرسن هوندو؛

(b)ڊينز؛

(c)لاڳاپيل ميدان ۾ تحقيق ۾ تجربو رکندڙ هڪ پروفيسر هر فيڪلٽي مان اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندو؛

(d)هڪ پروفيسر هر فيڪلٽي مان سواءِ ڊين جي بورڊ طرفان مقرر ڪيو ويندو؛

(e)هڪ وڏيڪ ميمبر ڊائريڪٽر طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(f)تحقيقي تنظيمن جي لاڳاپيل ميدان ۾ مختلف سرڪاري کاتن مان ٽي ميمبر بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ ۽

(g)رجسٽرار جيڪو ان جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(2)اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي ميمبرن جي عهدي جو مدو سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي ٽي سال هوندو.

(3)اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي

ويندي.
(4)اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جا ڪم هن ريت هوندا:
(a)اداري ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جي واڌاري سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اٿارٽيز کي مشورو ڏيڻ؛
(b)اداري ۾ تحقيق جون ڊگريون شامل ڪرڻ لاءِ غور ڪرڻ ۽ اٿارٽيز کي رپورٽ ڪرڻ؛
(c)تحقيق جون ڊگريون ڏيڻ بابت ضابطا تجويز ڪرڻ؛
(d)شاگردن لاءِ سپروائيزرز مقرر ڪرڻ ته جيئن اهي انهن جا ٿيسز طئي ڪري سگهن؛
(e)ان سلسلي ۾بورڊ آف اسٽڊيز طرفان غور ڪرڻ بعد تحقيق جي امتحانن لاءِ پيپر سيٽرز ۽ ممتحن جا نالا تجويز ڪرڻ؛
(f)اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.
7.(1) سليڪشن بورڊ هوندو جيڪو هنن تي مشتمل هوندو:
(a)ڊائريڪٽر جيڪو چيئرپرسن هوندو؛
(b)بورڊ جا ٻه ميمبرز چيئرپرسن طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(c)ٻه مشهور ماڻهو بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(d)لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين؛ ۽
(e)لاڳاپيل تدريسي شعبي جو هيڊ.
(2)سليڪشن بورڊ جا ميمبرز، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي ٽن سالن تائين عهدو رکي سگهندا.
(3)سليڪشن بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار ميمبرز هوندو.
(4)سليڪشن بورڊ جو ڪو به ميمبر بورڊ ۾ آسامي تي اميدوار طور نه حصو وٺي سگهندو، جيستائين سليڪشن بورڊ جي

چونڊ ڪارروائي جاري هجي.

(5)پروفيسرز ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرز جي عهدن تي نمائندا چونڊڻ ۾ سليڪشن بورڊ لاڳاپيل مضمون ۾ ٽن ماهرن کي مقرر يا مشورو ڪندو ۽ ٻين تدريسي عهدن لاءِ نمائندا چونڊڻ، ٻه ماهر لاڳاپيل مضمون لاءِ ڊائريڪٽر طرفان بورڊ طرفان منظور ڪيل هر مضمون جي ماهرن جي فهرست منجهان، سليڪشن بورڊ جي وقت بوقت سفارشن تي نامزد ڪيا ويندا.

(6)سليڪشن بورڊ جا ڪم هن ريت هوندا:

(a)تدريس ۽ ٻين عهدن لاءِ اخبار ذريعي اشتهار تي مليل سمورين درخواستن تي غور ڪرڻ ۽ بورڊ کي عهدن تي موزون اميدوارن جا نالا تجويز ڪرڻ؛

(b)بورڊ کي اعليٰ بنيادي پگهار جي سفارش ڪرڻ، اهڙيءَ ريت لکت ۾ جيئن مناسب هجي؛

(c)بورڊ کي هڪ قابل تعليم يافته ماڻهو جي اداري ۾ آسامي تي مقرري جي سفارش ڪرڻ، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(d)اڪيڊمڪ اسٽاف ۽ اداري جي عملدارن جي سمورن ترقي وارن ڪيسن تي غور ڪرڻ ۽ بورڊ کي موزون اميدوارن جا اهڙين ترقين لاءِ نالا تجويز ڪرڻ؛ ۽

(e)سليڪشن بورڊ ۽ بورڊ وچ ۾ معاملن تي اڻ حل ٿيل تڪرار جي صورت ۾ معاملو چيئرپرسن کي اماڻيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

8.(1) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي مشتمل هوندي:

(a)ڊائريڪٽر جيڪو ان جو چيئرپرسن هوندو.

(b)سمورا ڊينز؛

(c)بورڊ جو هڪ ميمبر بورڊ طرفان نامزد ڪيو ويندو؛
(d)اڪيڊمڪ ڪائونسل جو هڪ ميمبر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيو ويندو؛
(e)هڪ نمائندو هر هڪ صحت کاتي ۽ ماليات کاتي مان جيڪو عهدي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري کان گهٽ نہ هوندو؛
(f)ڊائريڪٽر فنانس جيڪو سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.
(2)ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جي ميمبرن جي عهدي جو مدو سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي ٽي سال هوندو.
(3)ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ٽي ميمبرز هوندو.
(4)ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جا ڪم هن ريت هوندا:
a)اڪائونٽس جي ساليانو اسٽيٽمينٽ ۽ روائيزڊ بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ بورڊ کي مشورو ڏيڻ؛
(b)وقت بوقت اداري جي مالي حيثيت جو جائزو وٺڻ؛
(c)منصوبابندي، ترقي، ماليات، سيڙپڪاري، اداري جي اڪائونٽس بابت سمورن معاملن تي بورڊ کي مشوروڏيڻ؛
(d)ننڍي مدي وارن ۽ ڊگهي مدي وارن منصوبن بابت تياري ڪرڻ؛
(e)اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.
9.(1)ڊسيپلين ڪميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:
(a)ڊائريڪٽر يا سندس نمائندو؛
(b)ٻہ پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(c)هڪ ميمبر سوسائٽي طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ ۽
استاد يا شاگردن جي معاملن جو آفيسر انچارج پلي اهو

ڪيڙي ٻه نالي سان هجي (ميمبر سيڪريٽري).

(2)ڊسيپلين ڪميٽي سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرن جي سمورن ميمبرن جي عهدي جو مدو ٻه سال هوندو.

(3)ڊسيپلين ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.

(4)ڊسيپلين ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a)اڪيڊمڪ ڪائونسل کي اداري جي شاگردن جي ڪمن، نظم و ضبط ۽ نظم و ضبط وارن معاملن کي ڏسڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ. ۽

(b)اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي قانونن ۽ ضابطن موجب ان کي سونپيا ويا هجن.

10.(1)الحاق ڪميٽي هوندي، جيڪا مشتمل هوندي:

(i)ڊائريڪٽر جيڪو چيئرپرسن هوندو.

(ii)بورڊ جو هڪ ميمبر بورڊ طرفان نامزد ڪيو ويندو.

(iii)ٻه پروفيسرز اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا.

(2)ڪميٽي جي ميمبرن جي عهدي جي مدت سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي ٻه سال هوندي.

(3)الحاق ڪميٽي ماهر مقرر ڪري سگهي ٿي جيڪي ٽن کان وڌيڪ نه هجن.

(4)الحاق ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم ٽي ميمبرز هوندو.

(5)ڊائريڪٽر طرفان اداري جو هڪ عملدار مقرر ڪيو ويندو جيڪو ڪميٽي جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

11.اين آءِ بي ڊي پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف لائيف

سائنسز آرڊيننس، 2013 کي منسوخ ڪيو ويجي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**